

پرماتما ۽ پرماتما جي سنتن جي شڪتيءَ جو ورڻن ڪرڻ، شيش ناگہ جي طاقت کان بہ ٻاهر آهي. پرماتما جي ڀڳتن، سنتن جي چرڻن جو سهارو ۽ سندن ڌيان ڪري ئي سولي ۽ سولو ۽ پڪي ۾ پڪو ساڌن ٻڌايو آهي.

شري هيماڊپنت.

پوُرڻما کان پوءِ ڪرشن (ڪارو) پکش ۾ چنڊ جون ڪلائون روز بہ روز گهٽبيون وينديون آهن ۽ روشني پڻ ڏلي ۽ ڪيڻ ٿيندي ويندي آهي، تان جو اماس جي ڏينهن چنڊ صفا غائب ٿي ويندو آهي ۽ چوڌاري اونده ئي اونده ڇانئجي ويندي آهي. پر جڏهن شڪل (سائو) پکش چالو ٿيندو آهي تہ چنڊ جي درشن ڪرڻ لاءِ ماڻهو واجهائيندا آهن ۽ ڏاڍي ڌيان سان چنڊ جي ريکا، وڻن جي ٽارين يا ڪنهن اوٽ جي سهاري سان ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيندا آهن، تهن سنتن جي درشن ڪرڻ سان، ڀڳتن جي من ۾ پڻ اُلهاس ۽ آنند پيدا ٿيندو آهي.

ساڳي طرح سائين باباجن بہ ڪڏهن مون

جو وڏو ورت رکي ڳالهائڻ صفا بند ڪري ڇڏيندا هئا. ڪڏهن وري ڇتنيه ڳهن ۾ آنند موُرتي ٻڌي ڀڳتن جي وچ سوپيا ڏيئي، درشنانت ٻڌائيندا هئا. ڪڏهن سرل ۽ سادي سياءِ ۾ ته ڪڏهن ڪروڌي روُپ ڌارڻ ڪندا هئا. ڪڏهن صرف ٻن لفظن جي پروچن ختم ڪندا هئا. ڪڏهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيا پروچن هلائيندا هئا. مطلب ته ڇنهن جي ڪلائن وانگيان، سندن ليلائن ۾ ٻ، ڦيرو پيو پوندو هو.

ڪاڪا صاحب جو پٽ بالا صاحب مرڪي ڪوپرگانو جو مملتدار گشت تي نڪتو ۽ "چتلي" شهر ڏانهن وڃي رهيو هو. وات تي شرڊيءِ ۾ سائين بابا جي درشن ڪرڻ لاءِ آيو ۽ چرن وندنا ڪريءِ هميشه وانگر خوشخبري ۽ سماچار ڏيڻ ۽ وٺڻ لڳو، او ڇتو باباڄن چيس ته "تون، پبهنجي دوارڪامائيءِ کي سڃاڻين؟" سوال ۾ مطلب نه سمجهي، هو چپ رهيو، باباڄن وري چيو ته "جتي تون ويٺو آهين، اُتي دوارڪامائي آهي. جيڪي دوارڪامائيءِ جي گود ۾ وهن ٿا، تن جا سڀ ڏک ڪنڌايو ن هوءَ دوُر ڪندي آهي. هيءَ مسجدمائي، ڏاڍي ديالو آهي. سرل هرديه وارن ڀڳتن جي ماءُ وانگي، انهن جي رکشا ضرور ڪندي ۽ سندن سڀ ڪشت دور ڪندي. جيڪو هن دوارڪامائيءِ جي ڇتر ڇايا ۾ وشرام وٺندو، اُن کي سک آنند جي پراپتي

ڏيندي. ائين چئي، هن کي ”اُدِيءَ“ پرساد ڏيئي، سندس مٿي تي هٿ رکي، کيس آشيرواد ڏنائون. جڏهن هو وڃڻ لاءِ کڙو ٿيو ته باباجن چيس ته ”تنهنجي لئبي بابا (نانگه) سان واقفيت آهي؟“ ائين چئي پنهنجي ڪاپي مٺ بند ڪري، ساڄي هٿ جي ڪرائيءَ وٽ جهلي، نانگه وانگي اُنکي هلائي چيائون ته ”نانگه ڏاڍو ڀيڙڪر آهي ۽ دوار ڪامائي، جن لعل (پيارن) جي رکشا ڪندي، تن کي نانگه ڇا ڪري سگهندو؟“ باباجن جي هيءَ ڳرولي ڪو به سمجهي نه پيو سگهي ۽ نه وري ڪنهنکي پڇڻ جي همت ٿي.

آخر ۾ باباجن شاما کي سڏائي چيو ته ”بالا صاحب سان گڏجي، چتلي شهر جي وڃي ياترا ڪري اچ.“ شاما اِها ڳالهه بالا صاحب سان ڪئي ته هن چيس ته ”رستو اُٽانگو آهي، تنهن ڪري اوهانکي تڪليف وٺڻ نه گهرجي.“ جڏهن شاما وڃي باباجن کي اهو ٻڌايو ته چيائون ”چڱو نيڪ آهي، نه وڃ. پر سدائين ڳُرو مطلب سمجهي، سريشٽ ڪم ڪرڻ کپي. جيڪي ٿيڻو آهي سو اوس ٿيندو.“

هيڏانهن بالا صاحب جو خيال بدليو ۽ شاما کي چيائين ته ”مون سان گڏجي هلو.“ شاما وري باباجن کان آگيا وٺي، بالا صاحب سان ٽانگي ۾ چڙهي روانو ٿيو. رات جو (۹) بجي چتليءَ ۾ پهتا ۽ ”مارتي مندر“



۾ وڃي لٿا. بالا صاحب جي آفيس وارا ڪم ڪندڙ اچا اُتي ڪين پهتا هئا تنهن ڪري ٻاڻ ۾ ٿوري ڳالهه ٻولهه ڪري، بابا صاحب روزاني اخبار کولي، تڏي تي ليٽي پڙهڻ لڳو.

بالا صاحب جي ڏوتيءَ جو مٿيون ڇيڙو سندس ڇيلهه جي مٿان ٿي هو جنهن ۾ هڪ نانگ پنهنجو آواز ڪندو سرڻ لڳو- آواز تي چپراسي ڊوڙي لالٽين بتي کڻي آيو ۽ نانگ ڏسي، وڏي آواز سان ”نانگ نانگ“ پڪارڻ لڳو. بالا صاحب ڊپ وچان ڏڪڻ لڳو ۽ شاما به عجب ۾ پئجي ويو. ٻيا ماڻهو ۽ڻ هٿ ۾ لٺيون کڻي بيٺا ته نانگ کي ماريون. نانگ آهستي آهستي، بالا صاحب جي ڪمر (ڇيلهه) تان هيٺ لٿو ته سڀني لٺيون هڻي ماري وڌس. بالا صاحب کي اِتي سائين بابا جي ليلا جا وچن ياد آيا ته ”نانگ ڏاڍو ڀينڪر آهي آهي ۽ جن جي دوارڪا مائي رکشا ڪندي، تن کي نانگ ڇا ڪري سگهندو؟“ يعني سائين بابا جي اڳڪٿي پوري ٿي ۽ بالا صاحب جي به رکشا ٿي. ان واقعي بعد، بالا صاحب جو باباجن ۾ وشواس هيڪاري وڌيو.

”آپي شيوڪ کي آپي راکي“ گوروآٽي

**جولشيءَ جي اڳڪٿي غلط ۽ باباجن**

**جا وچن ست**

شرڊيءَ ۾ رهندي ٻاپو صاحب ٻُٽي کي، نانا صاحب

ڏيکلي، هڪ جوتشيءَ چيو ته ”اڄوڪو ڏينهن تنهنجي واسطي نهايت اَشڀ آهي ۽ تنهنجي حياتيءَ کي خطرو آهي.“ اهو ٻڌي ٻاپو صاحب جا پير ڍرا ٿي ويا ۽ جلد ئي سائين باباجن جي درشن لاءِ آيو ته باباجن چيس ته ”نانا جوتشي اڄ تنهنجي موت جي اڳڪٿي ڪري رهيو آهي ليڪن تون ذرو به ڊڄ يا گهبراءِ نه. جوتشيءَ کي پاڻ ڏيکاري ڇڏ ته ”ڏسان ته ڪال مون کي ڪهڙيءَ طرح ٿو ختم ڪري.“

شام جو جڏهن ٻاپو صاحب سنان جاءِ ۾ ويو ته هڪ نانگ ڏسڻ ۾ آيس. سندس نوڪر به نانگ کي ڏسي اُن کي مارڻ واسطي هڪ وڏو پٿر کنيو. ٻاپو صاحب به هڪ ٻئي لڪڙي کڻي اچڻ لاءِ کيس چيو. پر لڪڙي اچي، تنهن کان اڳ ئي، نانگ تکو ئي تکو سرڪندو ويو ۽ نظر کان غائب ٿي ويو. مطلب ته باباجن جا وچن سَت ٿيا، جوتشيءَ جي اڳڪٿي غلط ثابت ٿي ۽ ٻاپو صاحب جو صدق باباجن ۾ وڌيو.

## اَمير شڪر جو روڳ متائڻ ۽ نانگ کان سندس بچاءُ ڪرڻ

ڪورلي ڳوٺ جو امير شڪر جات جو ڪاسائي هو ۽ باندرا ۾ دلاليءَ جو ڌنڌو ڪري، چڱو مشهور

هو. هڪ ڀيري "گانيا" جي روڳ ۾ اُڙجي ويو، جڏ
ڪيس چڱي ڀيڙا ڏيڻ لڳو ۽ ڏندوڇڏي، خدا جي سنت
سائين بابا وٽ دک جي نورتيءَ لاءِ اچي قدمبوسي
ڪيائين. باباڻ ڪيس اول "چاوڙيءَ" ۾ رهڻ جي
آگيا ڏني، پر اُها جاءِ بيمار ماڻهن جي رهڻ لاءِ نيڪ
ڪانه هئي. جيتوڻيڪ هنجو شرڌيءَ جي ٻي ڪنهن جاءِ
۾ بندوبست ٿي سگهيو ٿي پر باباڻ آگيا موجب ڪيس،
"چاوڙيءَ" جاءِ ۾ ئي رهڻو پيو.

باباڻ وري حڪم ڪيس ته "مسجد ۾ به اندر
نه اچ." هن ڪي ڪجهه فائدو ڏسڻ ۾ آيو. هو صبح
۽ شام جو "چاوڙي" مان نڪري، درشن لاءِ ايندو هو
۽ ٻين ماڻهن جي سرگس سان گڏ موٽي ويندو هو.
انهيءَ طرح هن پورا (٩) مهنا شرڌيءَ ۾ گذاريا ۽ بلڪل
نيڪ ٺاڪ ٿي ويو. هڪ ڏينهن پنهنجي من جي چئي
تي لڳي، باباڻ جي آگيا ڪانسواءِ راتو واهه چاوڙي
ڇڏي، ڪوپرگانو جي ڌرمشالا ۾ وڃي رهيو. اُتي
پهچڻ بعد، ڏٺائين ته هڪ فقير پاڻي گهري رهيو آهي
هن ڪيس پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو پر عجب اِهو ٿيو، جو
پاڻي پيئڻ شرط اُهو فقير ڪري پيو ۽ مري ويو. اميرشڪر
جا حوصلا ئي خطا ٿي ويا ته هاڻي ڇا ڪريان.؟ جي ٿو
پوليس ۾ رپورٽ ڪريان ته اول ته مونکي ڏوهي
ٺهرائيندا ته يا تو فقير کي ماريو هوندو يا توکي پوري

خبر هوندي ته ڪنهن ڪيس ماريو آهي. يعني ته ٻنهي ٻالهين ۾ قاسي منهنجي ڳلي ۾ اچي پوندي."

اِتي هوش نڪاڻي آيس ۽ پڇتائي چيائين ته "مون وڏي غلطي ڪئي، جو باباجن جي آڳيا ملڻ ڪانسواءِ هتي هليو آيس. هي سائين بابا، منهنجو گناهه معاف ڪريو، مان موٽي اوهانجي چرنن ۾ اچي پوان ٿو. ڪرپا ڪري منهنجو بچاءُ ڪجو." مطلب ته اوڏي مهل ئي نپڙ سوٽي، اُتان نڪتو ۽ صبح ٿيڻ ڪان اَڳ اچي شرڊيءَ پهتو ۽ ساڳي چاوڙيءَ ۾ اچي رهيو. فقير جي مؤرت جي چنتا ۾ لهي ويس ۽ اڳي کان اڳرو ۽ تُوبتو ٿي پيو.

ٻئي وقت آڌي رات جو باباجن آواز ڪيو ته "اَڙي عبدل منهنجي بستري تي ڪو دشت پراڻي چڙهي رهيو آهي." عبدل شمعدان کڻي آيو ۽ ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. باباجن چيس ته "چڱي طرح ڪنڊ پاسا جاچي ڏس"؛ پاڻ به پنهنجو لڪڻ ڌرتيءَ تي ٺوڪيندا رهيا. اِها ليلا ڏسي اميرشڪر سمجهيو ته ٿي سگهي ٿو ته، باباجن ڪنهن نانگ جي هلڻ جي شڪ ۽ ڊپ وچان اِهي اکر چيا آهن. پر حقيقت ۾ هڪ نانگ اميرشڪر جي بستري جي پرسان، چپ ساري وينل ڏٺو ويو، جنهن کي پوءِ ماري وڌائون. اِئين پرڪار باباجن، وقتائتي سوچنا يا چتاءُ ڏيئي اميرشڪر جي جان بچائي.

## هيمادپنت:- وڇون ۽ نانگ کي مارڻ کپي يا نه؟

باباجن جي آگيا انوسار ڪاڪا صاحب ڏيکشت، هر روز پنهنجي گورو شري ايڪناٿ مهراج جي ٽيڪا ڪيل ڀاڳوت ۽ ڀاوارٿ رامايڻ جو پاٺ ڪندو هو، جو سڀ ست سنگي وٺي ٻڌندا هئا. هڪ ڀيري هيمادپنت ٻه پاٺ ۽ ڪٿا ٻڌي رهيو هو ته پنهنجي ماتا جي چوڻ تي هنومان ڪئين شري رامچند جي مهانتا جي پريکيا ورتي. سڀ شروتا هيمادپنت سميت اهڙي ڌيان ۾ مگن هئا، جو هيمادپنت جي مٿان هڪ وڇون اچي ڪريو ۽ سندس ساڄي ڪلهي تي وڃي رهيو ته ڪيس ڪوبه پتو ڪين پيو. پر ايشور جي پريرنا تي، سندس نظر وڃي وڇون تي پيئي، جو اهڙي طرح شانت ۾ وينو هو جڻ ته ڪٿا ٻڌي رهيو آهي. هيمادپنت بنا ڪنهن به آواز ڪرڻ ۽ ستسنگ ۾ وگهن نه وجهڻ جي خيال کان ڪلهي ۾ پيل ڌوتيءَ جي ٻن ڇيڙن ۾ وڇونءَ کي قابو ڪري، مان ميٽ ۾ اٿي، ٻاهر باغ ۾ ڦٽو ڪري، موٽي اچي ڪٿا ٻڌڻ وينو.

ٻئي ڀيري وري سنڌيا مهل، هيمادپنت، "واڙي" جي مٿين ڀاڱي ۾ وينو هو ته هڪ نانگ دريءَ جي ٽونگ مان اندر گهڙي آيو ۽ پنهنجي ماري ڪنڊ ڪري هلڻ لڳو. جڏهن ٻئي ڀيري آيا تڏهن دري تي ڪنڊ

۾ ويٺل ناناڪ ڏٺائون. يڪدم ڊوڙون پائي، لٺيون وغيره کڻي آيا پر نانڪ درياءَ جي ڪپ ۾ اهڙو ته بچاءُ ۾ ويٺو هو، جو اُتي لٺ جو ڌڪ هڻي نٿي سگهيا. ڀوءِ شور مچائڻ تي نانڪ وري ساڳئي پر مان موٽي ڀاهر هليو ويو، تڏهن سيٺي سامت جو ساهه کڻيون.

ڀڳت مڪتارام چيو ته "چڱو ٿيو، جو نانڪ جي جان بچي وئي." هيماڊپنت موٽ ۾ چيو ته "نانڪ وغيره کي مارڻ ٿي واجب آهي." اِن سوال تي ڪي مڪتارام سان ۽ ڪي هيماڊپنت سان شامل ٿيا ۽ ڪجهه وقت تائين واد وواد ڪرڻ کان پوءِ، ٻئي ڌريون تي اها چرچا مهمل ڪري اُٿيا. ٻئي ڏينهن اهو سوال باباجن اڳيان اُٿاريو ويو. باباجن فرمايو ته ايشور نانڪ وچون آدڪ سيني جيون ۾ رکي ٿو ۽ سندس سنڀال لهي ٿو. ايشور جي اڇا کانسواءِ ڪو به ڪنهن کي نقصان نٿو پهچائي سگهي. اسين سڀ پراڻي، اُن سرو شڪتيوان پرماتما جي آڌين ۽ هٿ هيٺ آهيون. تنهن ڪري اسان کي، سيني پراڻين تي ديا ڪرڻ جڳائي ۽ جوش ڪاوڙ جو تياڳ ڪري، شانت چت ٿي، جيون وتيت ڪرڻ گهرجي. ايشور سيني جي رکشا ڪندڙ آهي.

"ماري راکي ايڪڙ آپ - مانش ڪڇ ناهي هاٿ."

گورواڻي.